امداد حسيني

# پڙاڏو سو سَڏُ!


## *Abstract*

*Not* **Critical appreciation of Poetry of Reta Shahani**

*Reta Shahani is a poet as well as popular prose writer of Sindhi in India. She migrated to India in early age & she expired recently.*

*She has presented in his creativity, the blending of both, the beauty of Sindhi language of her teens and presently, the mature language style of modern Sindhi language of Hind.*

*Imdad Hussaini, the learned Scholar and Popular poet of Sindh has very beautifully and artistically rendred, in his paper the literary status of Reta Shahani as well as critical appreciation of Literary works both poetry and Prose, in the Similar style with the choice of very words, which otherwise seen difficult for comprehension of a young reader. Through his explanation and meanings of some Hindi style of words, the poetry of Reta Shahani has become easier to comprehend for a common reader, which adds to beauty of style and simplicity in understanding.*


”پرڪرتيءَ جو ڦرڻ گهرڻ آهي اهم،
استرتا آهي من جو خيال وهم.“

چُرپُر، تحرڪ، هلچل زندگي آهي. استرتا، سڪوت، بيهڻ زندگي نه آهي. اصل ۾ خيال ۽ وهم به ذهن جي سرگرمي آهي. ننڊ ۾ به ذهن سجاڳ ۽ سرگرم رهي ٿو. ننڊ ٽوڙي جاڳ ۾ ڏٺل خواب پڻ ذهن جي سرگرمي آهن. ريتا شهاڻي چوڻ اهو ٿي چاهي ته استرتا محض هڪ وهم آهي ۽ زندگيءَ ۾ اهميت صرف ۽ صرف تحرڪ کي آهي:

”نه ڪو سڪ نڪيتن، نه ويساند نئين!“

۽ ان جو پارکو به ذهن آهي، جيڪو ڪڏهن نٿو بيهي- سمئه جيان. ذهن، جيڪو ڪڏهن نٿو سمهي ساگر جيان!

لڙڪ لڙڪ ٿي شبد جڙي ٿو ۽ شبد شبد ٿي سِٽ ۽ سِٽ سِٽ ٿي اتهاس! بوند بوند ٿي لهر ٿيي ٿي ۽ لهر لهر ٿي ساگر!

ريتا شهاڻي به ڪويتا جي اتهاس جي هڪ سُريلي سِٽ آهي. ريتا شهاڻي به جيوت جي مها ساگر جي هڪ لچندڙ لهر آهي، ۽ آءٌ ڳولڻ لڳان ٿو ريتا جي اُها سِٽ، جنهن ۾ هوءَ پنهنجي سنسار کي ٻانهن ۾ ڀرڻ ٿي چاهي. هُن جي اُها سِٽ هيءَ آهي:

”پوءِ به ٻنهي کي گڏ، ٻانهن ۾ ڀري نٿي سگهان!“

اهي ’ٻنهي‘ اصل ۾ ’هڪ‘ جا ٻه اڌ آهن:





”رت ساڳيو، ٻولي ساڳي
ساڳئي اَن جل تي پليل
جدا جدا ديشن جا واسي آهن!“

پر هوءَ، انهن ٻن اڌن کي، سڄو هڪ ڪري، ٻانهن ۾ ڀرڻ ۾ اَسڦل آهي. ان اَسڦلتا جو دک هن جي دل ۾ دُکي ٿو. سندس ڪويتا سنگرهه ’اَرٿ جو آواز‘ جي اها ’وڃان پئي هلندي‘ جي سِري سان رچنا ڏاڍي گهري آهي:

”مان ٿي ته آهيان موئن جي دڙي جي ناچڻي
صدين کان پٿڪي رهي آهيان
پنجاهه صديون هلي آهيان.“

هُن جي اها ياترا اتهاس جي ٽامو بٽيل تتل پٽ تي اُگهاڙي پيرين ياترا آهي! هُن جو وجود ٻن اڌن ۾ چيريل آهي ۽ هوءَ اُن کي ٻانهن ۾ ڀرڻ ۾ اَسڦل آهي! پوءِ به هوءَ مري مري جيئي ٿي. رڪَ ۾ رکي رکي چڻنگ جيان ڏکي ٿي:

”منهنجي مِٽي لهو لهان
ڇا ڇا نه ڏٺو مون، ڇا ڇا نه سَٺو مون!
پوءِ به مان
ڪِرندي ڪرندي اُٿندي رهيس
مرندي مرندي جيئندي رهيس
يلا مان به ڪا مرڻ جي چيز آهيان!“

ان رچنا جي پڇاڙي، الاءِ شروعات هنن سِٽن تي ٿئي ٿي:

”هي ڳهٽا آهن يا زنجيرون
جن کي گهليندي
اندرين ۽ ٻاهرين پيڙا ۾ ڦٿڪندي
وڃان پيئي هلندي
وڃان پيئي هلندي...!“

هتي مون کي لاکيڻي لطيف جو هي بيت هانوَ تي هُري آيو آهي:

”ڪِي ڏرتتي ماءِ، ڪِي ڄرَ سندي سَڄڻين،
هلي ۽ واجهاءِ، ٻنهي جيرن وِڃَ ۾!“

شاعريءَ لاءِ، خارجي ۽ داخلي سطح تي، اها پيڙا ۽ ڇَرَ هئڻ ضروري آهي. ان کي اسين وديا ۽ سنيهه بہ چئي سگهون ٿا ۽ انهن جي هڪ ـ ٻئي ميل سان ئي، اُهو چمتڪار ممڪن آهي، جنهن کي ڪويتا چئجي ٿو.

هريش واسواڻي هاڻوڪي جُڳ جو هڪ پرسُڌ ساهتڪار آهي. هن ريٽا شهاڻيءَ جي ڪويتا سنگرهہ 'منهنجي حد آڪاش' جي بئڪ ٽائيٽل لاءِ ڪل ايڪيهہ سِٽون لکيون آهن. ان جي پهرين سِٽ ۾ ئي هُن هڪ مُک ڳالهہ چئي آهي:

"احساس، ڪلپنا، وچ ۾ سوچ جي ولوڙ"[1]

۽ اِها ئي اُها ولوڙ آهي، جيڪا رچناڪار کي، توڙي پڙهندڙ کي ولوڙي ٿي ڇڏي. هريش واسواڻي لکي ٿو تہ:

"ويدنا جي ساين جي باوجود، وٺين مان روشنيءَ جا ترورا مُکت ٿي ٿا وڃن."

۽ اهي ترورا هٿن سان ميڙي نٿا سگهجن. اهي صرف اکين ۾ سمائي سگهجن ٿا ـ پوءِ اهي ترورا اکڙين جي ڳڙڪين مان ٿيندا، هردي تائين رسن ٿا.

ريٽا شهاڻيءَ لکڻ جي شروعات شاعريءَ سان ڪئي ۽ 1983ع کان 1987ع تائين، يعني پنجن سالن ۾ سندس چار شعري مجموعا: پنک وڇائين شنک، منهنجي حد آڪاش، گيت رامائڻ ۽ سوريہ ياترا ڇپجي چڪا هئا، پر اُن کان پوءِ ريٽا نثر ڏانهن لڙي وئي. ان جو ڪارڻ هُن 'ارٿ جو آواز' جي مهاڳ ۾ اهو ٻڌايو آهي تہ ڪيس "شاعريءَ کان مُنهن موڙڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو."

پر ان پئرا جي آخري سٽن ۾ هوءَ لکي ٿي تہ:

"منهنجي ڪوتا، مون کان لڪائي لڪائي لکندي رهي، منهنجي
لاشعوري هستيءَ کان لڪائيندي رهي، ڪڏهن ڪاغذ تي اُتاريندي
رهي تہ ڪڏهن دل جي تختيءَ تي نقش چٽيندي رهي. سيني کان
ڇُپائي ڇُپائي رچيندي رهي، خود مون کان بہ!"[2]

ان استٿيءَ ۾، جن ريٽا شهاڻيءَ کي اتساهيو، انهن ۾ هري دلگير، ارجن شاد، پريو وفا ۽ واسديو نرمل جا نالا هن ڳڻيا آهن. هاڻوڪي جُڳ جي اهم شاعر هري دلگير 'ارٿَ جو آواز' جي بئڪ ٽائيٽل تي ڪل ٻاويهہ سِٽون لکيون آهن، جيڪي ريٽا جي فن، ويچار ۽ ٻوليءَ کي سمجهڻ لاءِ ۽ سندس پد جي تعين ڪرڻ لاءِ ڏاڍيون ڪارائتيون آهن. مثلاً:

1. شاعريءَ لاءِ هڪ نئين واٽ، هڪ نئون فارم گهڙڻ





2. پيش ڪرڻ جو نرالو انداز
3. اصليت
4. شاعري ۽ فيلسوفي

اهي چارئي ڳُڻ مجموعي شاعريءَ سان لاڳو ٿين ٿا.

هري دلگير جون اهي ٻاويهہ سِٽون مختصر ۽ جامع آهن، جيڪي ريٽا کي ڪنهن دائري ۾ نہ ٿيون آڻين، بلڪ دائرن کان مُکت ڪن ٿيون.

الڳ الڳ هي ياتري، ملن گهڙيون ٽي چار،
ڇيڙي دل جي تارَ، رمندا رمندا ٿا وڃن.

ياڳ چڪر پيو ڦري، اک ڇنڀ ۾ حالات،
هڪ پل خوش تہ ٻيو دُکي، ڏينهن ڪِلُ روءُ رات.

اندر جي هيءَ نينڊ آ، يا ٻاهر جي ڪوٽ،
پري منهنجي سينڌ کي، ڪوٺي پنهنجي ڳوٺ.

بيت، دوهو يا سورٺو نئون فارم يا گهاڙيٽو نہ آهي، پر ريٽا انهن ۾ پنهنجو رنگ پريو آهي، جيئن هري دلگير لکيو آهي تہ ريٽا انهن ۾ 'پنهنجي فن، ويچار ۽ ٻوليءَ سان نڀايو آهي.'[3] يا ريٽا جو جيئن هي نظم 'عڪس' آهي:

"هڪ ڏينهن پيئي آئيني تي نظر،
آهيان ڇا مان، هيءَ ڪانہ هئي خبر!

هيءَ آهي ڇا منهنجي صورت؟
من ۾ ڇپيل آ ٻي ڪا مورت!

مون سمجهيو منهنجو هو ڪو ٻيو چهرو
هي لڳيم ٿو ڌاريو ڪو چهرو!
من ۾ جُڙيل عڪس کي ٻيا،
آهيون اسين برعڪس کي ٻيا."

اهو نظم پابند آهي. ٻن ٻن هم قافيا سٽن جو هر بند آهي، پر هر بند جي ماترائن ۾ فرق آهي ۽ اهو گهاڙيٽو نِجو پِجو ريٽا شهاڻيءَ جو آهي ـ يا جيئن هن جو نظم 'ست سُر ـ ست رنگ' آهي:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”رنگن ۾ آئي لرزش ڙي
هل تہ هلون اڄ اِندر ـــ ڏنش ڏي

ستن سُرن جو ڪر تون سنگ
ستن رنگن سان من تون رنگ
ڪر امرت جڳ جي هن وش ڪي
هل تہ هلون اِندر ـــ ڏنش ڏي!“

هر آرٽسٽ، سرجڻهار هر دور ۾، جَڳ پاران آڇيل وِش پي، اُن کي امرت ڪري جڳ کي آڇي ٿو. ريٽا شهاڻي بہ پنهنجي پُريءَ جي اهائي پر پاري ٿي. هوءَ اسان کي اندر ـ ڏنش ڏي وٺي هلي ٿي. هوءَ اسان کي ستن سُرن سان سنگ رکڻ تي ٿي آپاري.

۽ شاعري ڪبي ناهي، پر ٿي ويندي آهي؛ عشق وانگي. ريٽا شهاڻيءَ بہ عشق ڪيو آهي، پنهنجي ٻوليءَ سان ۽ اُن جي ڳالهائيندڙن سان. ڏسڻو اهو پوندو تہ خود اُن ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن کي پنهنجي ٻوليءَ سان ڪيترو عشق آهي! ۽ ان لاءِ انهن کي پنهنجن شاعرن ڏانهن اچڻو پوندو:

”قاتلُ ڪمائي ڪري، وِهُ ماکي جي ڪَنِ،
وٿان ويهي تَنِ، پيج ڪي پياليون!“
(شاهہ)

ريٽا سان ماهتاب محبوب جي گهر ٿيل پهرين ملاقات ۾ ريٽا مون کي تڏهن رکڙي بہ ٻڌي هئي ۽ گهڻو پوءِ مون هي ٽيڙُو رچيو هو:

باهيون پڙڪيون لکَ،
او ريٽا! او سُندري ـ
راکي نہ ٿي رکَ!

ان کان پوءِ 2005ع ۾ جڏهن آءٌ اديبن جي هڪ وفد سان هِند ياترا تي ويو هوس، تڏهن دهليءَ ۾ هڪ سيمينار ۾ ريٽا سان ملاقات ٿي هئي. هينئر 2013ع ۾ جڏهن سحر ۽ آءٌ هند ويا هئاسين، تڏهن ريٽا فون ڪئي هئي پُوني مان ۽ اسان کي پُوني اچڻ لاءِ چيو هئائين، پر ويزا نہ هئڻ جي ڪري اسين وڃي نہ سگهياسين! جنهن جو ساري سپ ڄمار اسان کي افسوس ئي رهندو! سحر، ريٽا سان ايندڙ سال پُوني اچڻ جو واعدو ڪيو، پر:

وقت ڪنهن لاءِ ٿو ترسي جو مان ترسان تو لاءِ!





پر هُن جي آتما هُن جي لڪتين ۾ ترسيل آهي. مون کي ياد آهي تہ ريٽا پهرين ملاقات کان اڳ، پنهنجو ڪويتا سنگرهہ ’سوريہ ياترا‘ مون کي مُڪو هو ۽ مون اُن تي نوٽس بہ ورتا هئا، پر اُهو ڪٿي هيٺ مٿي ٿي ويو هو. ’سوريہ ياترا‘ نہ رڳو ريٽا جي، پر سنڌيءَ جي بہ هڪ اَمُلهہ ۽ اهم رچنا آهي.

هينئر منهنجي آڏو ريٽا جي شاعريءَ جا ٻہ مجموعا: (1) منهنجي حد آڪاش، ۽ (2) اَرٿ جو آواز آهن. انهن ۾ پابند، نيم پابند، آزاد/نيم آزاد صنفون ۽ رچنائون آهن. منهنجي راءِ ۾ نثري نظم، نثري شاعري، يا ادب لطيف (جيئن سندريءَ جي ڪويتا سنگرهہ ۾ لکيو ويو آهي) بدران ان صنف لاءِ ’رچنا‘ وڌيڪ مناسب نالو آهي.

ريٽا شهاڻيءَ جي ’پنک وڄائن شنک‘ کي اديبن ۽ شاعرن ساراهيو آهي ۽ انهن جي راءِ ’منهنجي حد آڪاش‘ جي آخر ۾ ڏني وئي آهي. انهن ۾ دادا جشن، هري دلگير، هريش واسواڻي، لکمي کلاڻي، موهن ڪلپنا، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، هري موٽواڻي، پروفيسر ايشوري جوتواڻي، تارا ميرچنداڻي، ايشور چندر ۽ آچاريہ ڪندناڻيءَ جي راءِ شامل آهي. دادا جشن لکي ٿو تہ:

”سنڌي شاعريءَ جي آڪاس ۾ ريٽا جي روپ ۾ هڪ نئون ستارو اُڀريو آهي، جنهن جي جوت مون کي وشواس آهي ويندي وڌندي.“[4]

هري دلگير لکي ٿو تہ:

”هن رچنا ۾ ڪيترائي سوڪيم ويچار آيل آهن جي عام طور ٻوليءَ جي ڄار ۾ اچڻ وارا ئي ناهن.“[5]

هريش واسواڻي انهن رچنائن کي ”آجيان لائق حادثو سڏي ٿو.“ موهن ڪلپنا جي راءِ هيءَ آهي:

”پنک وڄائين شنک هڪ پرارٿنا آهي. ٿن لفظن ۾ ڏسڻ ۽ ٻڌڻ جا بہ حواس ڪم آڻٽا پون ٿا ۽ ڌونيءَ ۾ گونج آهي ـ نہ اُڌام جو انت آهي ۽ نہ اُن ڌُن جو.“[6]

پر ڪجهہ، ٻوليءَ جي ناتي، بنيادي ڳالهيون بہ آهن، مثلاً اُچار آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ هر لفظَ جو پڇاڙڪو اکر متحرڪ هوندو آهي ۽ اُن اُچارَ کي چٽي ڪرڻ لاءِ اعراب ڏبي آهي. خاص طور جڏهن اُهو لفظ قافيو هوندو آهي، تڏهن ان جو خاص خيال رکڻ کپي. هينئر ريٽا جا جيڪي بيت پڙهيم، اُنهن ۾ پهرئين بيت جا قافيا آهن: چارِ (يعني ’ر‘ تي زير) ۽ سارَ (يعني ’ر‘ تي زبر) آهي. معنيٰ تہ اهي اکر ساڪن ڪري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

کتب آندا ويا آهن ۽ اهو هنديءَ جو اثر آهي. هِتي، ليک جي هن پار، سنڌ ۾ بہ، لفظ جي پڇاڙڪي اکر کي ساڪن ڪرڻ وارو رواج روايتي دور کان هلندڙ آهي ۽ موجوده دور ۾ بہ ائين ٿي رهيو آهي. اهو تہ بلڪل صحيح آهي تہ ڪويتا ۾ ويچار جي اهميت تہ آهي، پر جڏهن توهين ان ويچار کي ڪنهن گهاڙيٽي ۾ آڻيو ٿا، جيئن بيت آهي يا دوهو آهي جيڪي سنڌي ڪويتا جون لوڪ- ڪلاسيڪل صنفون آهن، يا جيئن غزل آهي، جيڪا روايتي دور جي صنف آهي، تہ انهن ۾ 'لفظ' جي اُچار جي وڏي اهميت آهي ۽ صحيح اُچار سان ئي اُن کي 'معنيٰ' پڻ ملي ٿي.

ريٽا نثر توڙي نظم ۾ پنهنجا ويچار، ڀاونائون اسان سنڌين کي ارپڻ ڪيون آهن. ان ڏس ۾ هوءَ پاڻ لکي ٿي تہ:

"نثر ۽ نظم کي گڏ گڏ لکڻ سان، ٻنهي صنفن کي فائدو ئي رسندو آهي. ٻنهي جي وڏيڪ گرپ حاصل ڪرڻ ۾ خود کي مدد ملندي آهي ۽ خود کي اظهار پائڻ جا دائرا وڏيڪ وسيع ٿيندا نظر ايندا آهن."(7)

تان جو اهي دائرا بہ نہ رهندا آهن ۽ هڪ سرجڻهارڪ شڪتيءَ جي ڪري سرجڻهار هر دائري کان مُڪت ٿي ويندو آهي. ريٽا 1985ع کان 1990ع تائين لکيل پنهنجي 'بي ساختا ڪويتائن' جو بہ ذڪر ڪيو آهي:

"فرصت ۾ ويهي هندي ڇندن جي آڌار تي مان انهن جي ٿوري پالش ڪندي هئس. جيڪڏهن اُهي 16-16 ماترائن جون سِٽون هونديون هيون تہ انهن کي چوپايون بڻائيندي ويس، جيڪڏهن 12-16 وارو فارم تہ انهن کي هري گيتڪا جو روپ ڏيندي هئس."(8)

پر ڪي روپ ريٽا کان نوان بہ لکجي ويندا هئا، جن بابت هُن پاڻ ئي لکيو آهي ۽ هري دلگير بہ ان ڏس ۾ لکيو آهي. ريٽا هندي ڇند جي بہ ڳالهہ ڪئي آهي. منهنجي راءِ ۾ اهو اسان جو مشترڪ ورثو آهي ۽ ان جو سنبنڌ سُرسان آهي ۽ ان سريلي سرشتي کي سنڌي- هندي ڇند چوڻ کپي. اهو سُريلو سرشتو ماءُ جي ٿڃ سان هر سنڌيءَ جي رت ۾ شامل ٿي ٿو وڃي! ۽ اسان جي سياءُ وٺان آهي:

"ڄڃ پڌاري بهار جي، ٻيلي سُنهن اننت،
ٻٽيا براتي راڳ سڀ، راجا گهوٽ بسنت."

هنديءَ کان پرڀاوت ٿيڻ فطري آهي. هتي صرف ان ڏس ۾ هڪ مثال ڏيان ٿو.





ريٽا جي هڪ رچنا ۾ سِٽ آهي:

"هل تہ هلون اڄ اِندر- ڏنش ڏي."

اندر+ڏنش= اندلٺ. اندر ڏنش کي سنڌيءَ ۾ اندلٺ چئبو آهي. 'ڏنش' معنيٰ 'لٺ' ۽ 'اندر' ڦري ٿيو 'اندٻ'، جنهن کي اُترادي لهجي ۾ چئبو 'اندٻر'- يعني 'ٻر' جي اُچار سان، جيئن 'چندٻر'. ان ڏس ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ، ڀيرو مل، ڊاڪٽر دائود پوٽي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي راءِ لکت ۾ موجود آهي ۽ انهن اترادي لهجي کي وڏيڪ چٽو قرار ڏنو آهي.

اسين ڄاڻون ٿا تہ شاعريءَ لاءِ هڪ وسيع ٻولي درڪار هوندي آهي ۽ انڪري دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جو لفظ ڪتب آڻي سگهجي ٿو ۽ هندي تہ وري بہ سنڌيءَ کي وڏيڪ ويجهي آهي. 'ارٿ جو آواز' ۾ هڪ چوپائي 'راڳ ۽ راڳڻين جي ڪهاڻي چوپاين ۾' جي سِري سان آهي، جنهن مان سُر سان ريٽا جي رُچيءَ جو پتو پئي ٿو:

"ستن رنگن ۽ ستن سُرن جو، کهڙو اڏ ڀت ميل مَتو آ،
سنگيت سندرتا سنگ سنگ آ، قدرت ڄڻ کو کيل رچيو آ."

ائين ريٽا سنڌي ڪويتا اتهاس ۾ رنگ، سُر، سنگيت ۽ سندرتا ڪٽي آئي آهي. هن جي ٻولي ۽ پيشڪش جو انداز ۽ هيئتي تجربا، هري دلگير چواڻي:

"ريٽا شهاڻيءَ شاعري لاءِ هڪ نئين واٽ، هڪ نئون فارم گهڙڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ منجهس اصليت جهجهي انداز ۾ آهي جا بلڪل ٿورن شاعرن ۾ نظر ايندي آهي."(9)

اهي سڀ- ٻولي، پيشڪش، هيئتي تجربا – الڳ وشيہ آهن. 'منهنجي حد آڪاش' ۾ هر رچنا ٻيءَ رچنا سان ائين جُڙي ٿي وڃي، جيئن اُميريءَ سان ٽٽل تند جُڙندي آهي. ان سنگرهہ جي پهرين رچنا جي پڇاڙي هن سٽ تي ٿئي ٿي:

ڪنهن چيو تہ اگيان آهي وردان؟

۽ صفحي 13 جي ڪويتا، جيڪا مقفيٰ ۽ پابند آهي، ان جو عنوان ئي آهي 'اگيان آهي ڇا وردان؟':

"جي نہ ڏني قسمت جي گردش
توکي سُک جي کهڙي ڄاڻ؟
جي نہ چکي غربت جي سازش



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

تــوڪــي سُــک جــي ڪــهــڙي ڄــاڻ؟

جــي نــ سَــنــي فــرقــت جــي آتــش
تــوڪــي سُــک جــي ڪــهــڙي ڄــاڻ؟

جــي نــ پــئــي پــيــڙا جــي بــارش
تــوڪــي سُــک جــي ڪــهــڙي ڄــاڻ؟"

اهو پورو نظم quote ڪرڻ جهڙو، پڙهڻ ۽ ڪڙهڻ جهڙو آهي. ريٽا هڪ ڪردار 'جوتي' بہ سرجڻ ڪيو آهي. 'ارث جو آواز' ۾ 'جوتيءَ' بابت هوءَ نثر ۾ بيان ڪري ٿي. صفحي 63 تي جوتي فرئنڪفرٽ هوائي اڏي تي پنهنجي فلائيٽ جي انتظار ۾ آهي ۽ ان جون پهريون سٽون آهن:

"دل جي درپن جي پنل ڪنڊ کي جوتيءَ پنهنجي پوتيءَ سان اُگهي چڏيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳي."

اهو نثر ۽ نظم جو ميلاپ يا ٻويان جي رچنا دودي جي وير گاتا ۾ بہ آهي، جنهن ۾ نثري بيان کان پوءِ نظم شروع ٿئي ٿو ۽ وچت بہ تيز ٿئي ٿي. ريٽا جون هي رچنائون پڙهندي دل جي درپن جي ڪنڊ پنل تي ياسي ۽ دل جي ڌڙڪڻ تيز ٿي وڃي ٿي. هوءَ ڪٿي بہ آهي، دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ آهي، جوتيءَ جي روپ ۾، دل جي درپن جي پنل ڪُنڊ سان آهي ۽ اُها پنل ڪنڊ پنهنجي پوتيءَ سان اُگهي، پيتل لڙڪ، لفظن جي روپ ۾ پني تي روئي ٿي. 'منهنجي حد آڪاش' ۾ جوتي، جيڪا 'پنڪ وڃائين شنک' ۾ موجود آهي، اُها:

"هن ڪتاب ۾ ساڳي جوتي، پهاڙي سفر ڪندي شاعراڻي انداز ۾ پاڻ سان روح رهاڻ ڪري رهي آهي." (ذهن کان ورق تائين)

ساڳي جوتي، ساڳي ريٽا اڄ بہ سفر ۾ آهي: بر ۾، بحر ۾، پهاڙ تي- هن جو پنڌ پُنو نہ آهي، پر هاڻي هوءَ نہ رڳو پاڻ ساڻ بلڪ پنهنجي شاعريءَ وسيلي اسان سان بہ روح رهاڻ ڪري رهي آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ هن جي ڪويتا جي ڪليات ڇپجڻ کپي، انڪري بہ تہ هُن جا سمورا ڪتاب هتي نہ ٿا ملن ۽ انڪري بہ تہ اهو ريٽا کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو هڪ مانائتو طريقو بہ آهي، تہ اسان جو فرض بہ. 'ارث جو آواز' ۾ ريٽا پاڻ ئي تہ لکيو آهي تہ:

"پڪ اٿم تہ منهنجي شاعري مرڻ واري نہ آهي."(10)





۽ اسان کي بہ اها پڪ ڏيارڻي پوندي تہ جن لاءِ هن لکيو آهي، اُهي بہ اڃا زنده آهن:

ڳِلا سان نہ مطلب، نہ ساراهہ سان ڪو سروڪار
منورتي اهڙي، نـ راس ٿيندو اهڙو ڪم ڪار

اديبن جا رايا، نڪو شاعرن جا طنز خار،
ڏُڏائين نـ من کي، نـ ڪي طعنا اڪيچار.

ستائين سنسا، چا لئہ ٿا مارين ويچار،
لگن ديپ ٿئي، تيل ساڌنا، ڏات ڪپهہ ٻار!

ائين لگن ديپ سان، ساڌنا تيل سان، ڏات ڪپهہ کي ٻاري سنڌي ساهت جي جوتيءَ ريٽا جيڪا جوت اسان جي جيوت ۾ پکيڙي آهي، جيڪي سُر ڇيڙيا ۽ جيڪي رنگ رچيا آهن، اُهي اَمُلهہ ۽ اڻ ميا آهن ۽ موهن ڪلپنا جي لفظن ۾:

"ڏونيءَ ۾ گونج آهي- نہ ان اُڏام جو انت آهي ۽ نہ اُن ڏُن جو."

۽ اها گُونج- اِهو پڙاڏو اُن سَڏ جو آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ آهي ۽ اسان کي ٻُڌڻو آهي:

پـڙاڏو سـو سَـڏُ، وَرُ وائـيءَ جـو جـي لـهـيـن،
هُــئــا اڳــهــم گَــڏُ، ٻُــڌڻ ۾ ٻَــ ٿِــئــا!

(شاهہ)

## حوالا


1. شهاڻي، ريٽا، 'منهنجي حد آڪاش'، ماڊرن بوڪ اسٽال، ايسٽ اسٽريٽ، پونا، انڊيا، اپريل 1984ع، ص: بئڪ ٽائيٽل.
2. شهاڻي، ريٽا، 'ارث جو آواز'، ايم بي ايس پبلشرز، پونا، انڊيا، اپريل 1996ع، ص: III (مهاڳ)
3. ساڳيو، ص: بيڪ ٽائيٽل.
4. شهاڻي، ريٽا، 'منهنجي حد آڪاش'، ماڊرن بوڪ اسٽال، پونا، انڊيا، اپريل 1984ع، ص: 89.
5. ساڳيو، ص: 89.
6. ساڳيو، ص: 89.
7. شهاڻي، ريٽا، 'ارث جو آواز'، ايم بي ايس پبلشرز، پونا، انڊيا، اپريل 1996ع، ص: V (مهاڳ)
8. ساڳيو، ص: VI (مهاڳ).
9. ساڳيو، ص: بئڪ ٽائيٽل
10. ساڳيو، ص: VI (مهاڳ)


**نوٽ:** شاهہ عبداللطيف ڀٽائي چيئر پاران 'سندري اتم چنداڻي، هريش واسواڻي ۽ ريٽا شهاڻي' جي سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتن جي مان ۾ ڪوٺايل عذرخواهي واري ادبي ريفرنس ۾ پيش ڪيل مقالو.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair